# SINDHI

## NOA- Mock-6

Name: Manzoor Ali Tunio

Batch: 064-CSS25-NOA-ISB1

LMSID: 34024

Email: manzooralitunio22@gmail.com

Phone: 0311-8191076

Date : 22-12-2024

Scanned with CamScanner

Day: M T W T F S

Date: ___/___/20__

## (سوال نمبر: 03)

**جواب:**

### شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ جو ڪردار ۽ اهميت

**تعارف:**

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي سنڌي ادب جو **سرتاج شاعر** مڃيو ويندو آهي. شاهه سائين جو تعلق ڪلهوڙن جي دور سان آهي. پاڻ جنهن دور ۾ رهيا ان وقت فارسي ۽ عربي ٻوليءَ جو عروج هو. پر شاهه سائين پاڻ تي ٻين ٻولين جو اثر قبول نه ڪيو ۽ پنهنجي مادري ۽ ڌرتيءَ جي ٻوليءَ کي اهميت ڏنائون. پاڻ فقط سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪيائون. شاهه سائين سان ساڻ ٽي ڪتاب هوندا هئا جن ۾ قرآن پاڪ، مولانا جلال

Date:__/__/20__ Day: M T W T F S

الدين رومي ۽ جو رسالو ۽ پنهنجي
ڏاڏي شاهه ڪريم بلڙي واري جو
رسالو هوندو هيو. هونئن تہ شاهه
سائين جي شاعريءَ جا هزارين
پهلو آهن مگر انهن مان ڪجهه
ٿورڙن تي روشني وجهون ٿا.

## شاهه جي شاعريءَ جو ڪردار ۽ اهميت

### 1- وحدانيت

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ
جي شاعريءَ جي شروعات ئي وحدت
کان ٿئي ٿي. شاهه سائين جي شاعري
الله تعاليٰ جي حمد و ثنا سان
مالامال آهي. شاهه جي شاعريءَ ۾
قرآني آيتن جو استعمال ان ڳالهه
جو ثبوت آهي تہ پاڻ قرآن پاڪ
کي بهتر پڙهيائون ۽ اونهائي
سان سمجهيائون. ان جو اندازو
اوهان کي شاهه صاحب جي هن
شعر مان ٿي ويندو.

Date: __/__/20__ Day: M T W T F S

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي
قادر پنهنجي قدرت سين قائم
آهي قديم.
والي واحد وحده، رازق رب
رحيم،
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد
حڪيم
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ
جهان جون. شاهه

مٿين بيت جي سٽن مان
ايهو واضح ٿئي ٿو ته شاهه سائين
جي شاعري جي شروعات ٿي الله
پاڪ جي ذڪر سان، ان جي ثنا ۽ تعريف
سان ٿئي ٿي. جنهن ۾ هو الله
پاڪ جي خوبصورت وصف سان
مخاطب ٿي ڪري تعريف
ڪري ٿو جنهن مان وحدانيت جي
اهميت اجاگر ٿئي ٿي.

Date:__/__/20__ Day: M T W T F S

## 2- شاهه سائين جون ست سورميون ۽ ان ۾ عورت جو ڪردار ۽ اهميت

شاهه عبداللطيف ڀٽائي پهريون سنڌي ٻوليءَ جو سردار شاعر آهي جنهن عورت جي ڪردار کي متعارف ڪرايو. پاڻ سسئي، ماروي، ليلا، سهڻي، مومل جي ڪردار ذريعي عورت جي بهادري ۽ جرئت جو پيغام ڏنائون. شاهه سائين فرمائي ٿو ته.

**ڪانءُ نه ڪنوس ڀيو ڪيئروئي خوب**
**ميروئي محبوب، مون مارون من ۾. شاهه**

شاهه سائين سنڌي عورت جي پاڪيزگي کي ماروي ذريعي پيش ڪري ٿو ته جنهن سان ماروي مگسيل آهي پلي اهو ميرو آهي، سادو آهي پر ان جي عيوض ڀيو ڪانءُ نه ڪنڌي ان پنهنجي ملڪ جي پنهنجو مٽن سين وڃي ورتو آهي.

# شاه جي شاعريءَ ۾ جدوجهد جي اهميت

شاه عبداللطيف ڀٽائي جدوجهد جي علامت آهي ان جي شاعريءَ ۾ همت ۽ فلاحي مدد آهي. جيئن هن بيت ۾ ڏسو.

ڪر ڪٺا لاهي سڪ نه ستا ڪڏهن
او ٻيڙو آهي ڪاهوڙين کي
بند جو - شاه

شاه سائين ۽ جي هن شعر مان ظاهر ٿئي ٿو ته سگهه نٿو ته ٿي پر هي اهي ماڻهو آهي جيڪي منزل ڏانهن وڃن ٿا. جاکوڙي انسان شاه جو سارا هيل آهي. ورهي ٻي هنن فضائن ڏنا ته

(6)

Date:___/___/20___ Day: M T W T F S

~~جانجان تي ٽيپ~~

جيئن جيئن تي ڏينهن تئين تيئن
تاڻيا پنڌ ۾.
تان اڳانجهو نينهن، پانڊ پروچن
سين. شاهه

شاهه سائين اڳتي وڌڻ
جو سبق ڏئي ٿو ته اڳتي وڌندا
رهو. جيستائين پنهنجو سفر جاري
رکو جيستائين اوهان اڳتي پهچي وڃو.

4- شاهه سائينءَ جي شاعريءَ ۾
صبر جي ڪردار جي اهميت

شاهه سائين صبر جو درس هن
طرح ڏئي ٿو.

هو چوني تون م چئو واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي ويو ڪيني وارڪيني
شاهه

شاهه سائين چوي ٿو ته
صبر ۽ تحمل مان ڪم وٺو اگر

Scanned with CamScanner

ڪوئي توهان کي غلط ڳالهائي ٿو
ته توهان ان کي وانگي نه چئو
جو ته اگر توهان وانگي چوندؤ
ته توهان ۾ ۽ هن ۾ ڪو فرق
نه رهندو. توهان صبر ڪيو جيڪو
اڳيان ڪئو اهو پاڻ نقصان
ماڻيندو.

5- شاهه سائين جي شاعريءَ ۾
اصول پرستيءَ جي اهميت.

شاهه سائين پنهنجي شاعري
ذريعي زندگيءَ ۾ اصول جي اهميت
کي اجاگر ڪيو. شاهه صاحب
فرمائي ٿو ته،

ايءُ نه مارن ريت، جو سيڻ مٽائن سون
تي،
اچي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانه
ڪريت.
پکن جي پيريت،

Date: __/__/20__ Day: M T W T F S

شاهه صاحب فرمائي ٿو ته اگر
توهان با اصول آهيو ته دولت
۽ سون توهان کي خريد ڪري نه
سگهندا. زندگي اصول ۽ پنهنجي قوم
وارن جي اصولن تي گذاريو نه ڪي لالچ
يا زر خاطر پاڻ کي وڪڻيو.

## حاصل مطلب:

مٿين ذڪر ڪيل بحث
مان ايئن ظاهر ٿئي ٿو ته شاهه
عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ڪماليت
جي اعلا درجي تي آهي ۽ ان ۾ سمايل
عاليشان ڪردار ۽ گهري اهميت
سندس شاعري جي اعلى درجي کي اجاگر
ڪن ٿيون. شاهه سائين جي شاعري جا
ڪردار جهڙوڪ سسئي، سهڻي، مارئي،
ليلان، مومل ۽ ٺٽا جي معاشري جي
قوم ۽ عورت جي ڪردار کي سرخرو
ڪن ٿيون. ان سان گڏ سوچ جهڙو
وحدانيت، صبر، حوصلو ۽ اصول پرستي
جي اهميت سندس ادب ۾ شاهه جي شاعري
کي اعلى درجي تائين پهچائن ٿيون.

Scanned with CamScanner

# سوال نمبر: 07

جواب:-

## سنڌي لوڪ ادب

### تعارف:

سنڌي لوڪ ادب کي
ادبي ٻوليءَ ۾ ڌهڪاڻي ادب
جيئن آهي. سنڌي لوڪ ادب
عوامي ادب آهي. ڇاڪاڻ ته
هي عوامي زندگيءَ مان ڦٽي
نڪتو آهي. درحقيقت لوڪ
ادب سنڌي ثقافت رهڻي ڪهڻي
جي تاريخي عڪاسي ڪندڙ آهي.
لوڪ ادب ۾ ڪيتريون ادبي صنفون
شامل آهن جهڙوڪ سينگار،
ڳنا، ڳيچ، مولود، بيهاڪ، قصا
۽ ڳجهارت وغيره. سنڌي لوڪ
ادب پاڪستان جي ٻين ٻولين
کان وڌيڪ مالا مال آهي. ڇاڪاڻ
ته جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي

Scanned with CamScanner

ته ان وقت انهن جيو ته سنڌي
ٻوليءَ ۾ ادبي خزانو وڏو آهي.

## سنڌي لوڪ ادب جون صنفون

### 1. ڳاهه

سنڌي لوڪ ادب ۾ ڳاهه
سومرن جي دؤر کان پوءِ چيا ويا.
هي خوشيءَ جو گيت هوندو آهي.

### 2. ڳيچ

ڳيچ به خوشيءَ جي وقت
ڳايل گيت يا سهرو هوندو
آهي.

### 3. ڳنا

ڳنا سومرن جي دؤر جي
ملن ٿا. هي فصلن جي تيار ٿيڻ
وقت خوشيءَ جو اظهار طور
ڳايل گيت ٿين ٿا جن جو تعلق
لوڪ ادب سان آهي.

Date: ___/___/20___ Day:

### 4. سينگار

سينگار لوڪ ادب ۾ خوبصورتي کي نمايان ڪندڙ گيت ٿئي ٿو جيڪو حسن ۽ سينگار کي ظاهر ڪري ٿو.

### 5. مدح

مدح ڪنهن وليه يا بزرگ جي ثنا طور ڳايا ويندڙ گيت آهي جنهن ۾ تعريف هوندي آهي.

### 6. مولود

مولود نبي پاڪ ﷺ جن جي شان ۾ ڳايل تعريف ۽ ثنا آهي.

### 7. قصا

هي لوڪ ادب جي هڪ نمايان صنف آهي. درحقيقت ادب جو بنيادي جز "قصا خواني" يا قصو ٻڌائڻ کي مڃيو ويندو آهي. هي لوڪ ادب جي اعلىٰ صنف آهي.

Scanned with CamScanner

Date: __/__/20__ Day: M T W T F S

## 8. پهاڪا يا جوڙي

پهاڪو به لوڪ ادب
جي هڪ خوبصورت صنف آهي
جنهن ۾ ڳالهيو چيو ويندو
آهي.

## 9. ڳجهارت

ڳجهارت لوڪ ادب
جي اهم صنف آهي جنهن ۾ معني
لڪيل هوندي آهي.

## سنڌي لوڪ ادب جي اهميت

سنڌي لوڪ ادب جي
اهميت تمام گهڻي آهي
چاهي ته ادب جي واڌ ويجهه
لوڪ ادب جو وڏو اهم ۽ بنيادي
حصو آهي. بلڪ ادب جي خزاني
جي خبر پئي لوڪ ادب جي ڳالهين
مان عيان هوندي آهي. لوڪ ادب
ادب ۾ خوبصورتي پيدا ڪري ٿو
آهي جنهن سان سنڌي ٻولي به
همه سرشار آهي.

Date: __/__/20__ Day: S M T W T F S

# حاصل مطلب:

لوڪ ادب جنهن
کي اسين "ڏهقاني ادب" يا وري
"عوامي ادب" جو نالو ڏيون ٿا. سا
ڪنهن به ٻوليءَ جي خوبصورتي
هوندو آهي. ساڳيءَ طرح جيئن
اسان سنڌي ادب کي ڏسون ته ان
۾ به لوڪ ادب جو اڻ کٽ خزانو
آهي. سنڌي لوڪ ادب جو مضمون
ڳاهه، ڳيچ، ڳنا، مولود، مدح،
سينگار، قصا، پهاڪا، چوڻيون ۽
ڳجهارت ۽ پرولي سنڌي ادب کي
شاهڪار ادب جو درجو ڏين ٿا.
جنهن سان سنڌي ادب ڏکڻ ايشيا
۽ دنيا جي امير ترين ٻولين ۾
شامل ٿئي ٿي. سنڌي لوڪ ادب
دنيا ۾ موجود ٻين لوڪ ادبن جي
ڀيٽ ۾ وڌيڪ اهميت جي حامل
آهي. جيئن سنڌي ٻولي کي دنيا جي
امير ٻولين جي فهرست شامل
ڪري ٿي.

Scanned with CamScanner

# حاصل مطلب:

لوڪ ادب جنهن
کي اسين "ڏهاڻي ادب" يا وري
"عوامي ادب" جو نڌا آهيون، سا
ڪنهن به ٻوليءَ جي خوبصورتي
هوندو آهي. ساڳيءَ طرح جيئن
اسان سنڌي ادب کي ڏسون ته ان
۾ به لوڪ ادب جو اڻ کٽ خزانو
آهي. سنڌي لوڪ ادب جو مضمون
ڳاهه، ڳيچ، ڳڻا، مولود، مدح،
سينگار، قصا، پهاڪا، ڀوڳيون ۽
ڳجهارت ۽ ٻيون سنڌي ادب کي
شاهڪار ادب جو درجو ڏين ٿا.
جنهن سان سنڌي ادب ڏکڻ ايشيا
۾ سنڌي کي امير ترين ٻولين ۾
شامل ٿئي ٿي. سنڌي لوڪ ادب
دنيا ۾ موجود ٻين لوڪ ادبن جي
ڀيٽ ۾ وڏي اهميت جي حامل
آهي. جيئن سنڌي ٻوليءَ کي دنيا جي
امير ٻولين جي فهرست شامل
ڪري ٿي.